**Sl. No. :**

नामांक **Roll No.**

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

No. of Questions - 26

# S-74-Sindhi (T.L.)

No. of Printed Pages - 7

**माध्यमिक परीक्षा, 2020**

SECONDARY EXAMINATION - **2020**

**सिन्धी**

SINDHI

(Third Language)

**समय :** 3¼ **घण्टे**

**पूर्णांक :** 80

نوٽ : سڀ سوال ڪرڻ ضروري آهن.

**नोट : – सभेई सुवाल करणु जरूरी आहिनि ।**

Tear Here

प्रश्न पत्र को खोलने के लिए यहाँ फाड़ें

**TEAR HERE TO OPEN THE QUESTION PAPER**

यहाँ से काटिए

نوٽ:ـ سڀ سُوال ڪرڻ ضروري آهن.

هيٺئين ٽڪري کي پڙهي سُوالن جا جواب لکو:ـ

وديارٿي جيون تياريءَ وارو جيون آهي.

جنهن ۾ اِنسان کي ايندڙ وقت جي مُصيبتن وڻندڙ ۽ اڻوڻندڙ آزمودن جو مقابلو ڪرڻ جي تياري ڪرڻي ٿي پوي اُن وقت ئي ٻار تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن اِسڪول ۾ وڃڻو ٿو پوي آن وقت ٻار جو من ڪومل ۽ ڪچڙو ٿئي ٿو ۽ سندس من تي جيڪي اَثرپون ٿا,سين سڄي عُمرقائم رهن ٿا. اِنهيءَ ڪري وديارٿي جيون منشيه جيون جو هِڪ وڏو اَهميت وارو عرقو آهي. هر مُلڪ جي ترقي آنجي وديارٿين تي آڌاررکي ٿي.آدرش ۽ لائق وديارٿي پنهنجي مُلڪ ۽ سماج جي لاءِ وڏوسهاروآهن.اَ ڳتي هلي اُنهن کي ئي مُلڪ جي ڪاروبار جي واڳه وٺڻي آهي .ڪين ئي پنهنجي مهنت ، همت، شيواۀ تياڳہ سان پنهنجي مُلڪ جو ڳاٽ او نچو ڪرڻو آهي. اِنڪري ضروري آهي ته وديا رٿي پنهنجو جيون نا هين ۽ پاڻ ۾ گڻن جو وڪا س ڪن, جيئن ته هو مُلڪ جا سچا رهبر بڻجي سگهن.

(1) مٿئين ٽڪري جو سِرو لکو. [1]

(2) وديارٿي جيون ڪهڙو جيون آهي؟ [1]

(3) سماج ۽ مُلڪ جي ترقي جو آڌار ڪير آهن؟ [1]

(4) وديارٿيءَ لاءِ ڇا ضروري آهي؟ [1]

(5) مٿئين ٽڪري جو سارُ لکو. [1]

**नोट : सभु सुवाल करण ज़रूरी आहिनि ।**

**हेठिऐं टुकिरे खे पढ़ी सुवालनि जा जवाब लिखो:-**

**विद्यार्थी जीवन तियारीअ वारो जीवन आहे, जंहिं में इंसान खे ईन्दड़ वक्त जी मुसीबतुनि, वणंदड़ ऐं अणवणंदड़ आज़मूदनि जो मुक़बिलो करणु जी तियारी करिणी थी पवे। उन वक्ति ई ॿार खे तइलीम हासिलु करण लाइ, कहिं न कंहिं स्कूल में वञिणो थो पवे। उन वक्ति ॿार जो मन कोमल ऐं कचिड़ो थिए थो ऐं संदसि मन ते जेके असर पवनि था, से सज़ी उमिरि काइयु रहनि था। इन्हीअ करे विद्यार्थी जीवनु मनुष्य जीवन जो हिक वडो अहिमियत वारो अर्सो आहे। हर मुल्क जी तरक़ी उनजे विद्यार्थियुनि ते आधारु रखे थी। आदर्श ऐं लाइक़ु विद्यार्थी पहिंजे मुल्क ऐं समाज जे लाइ वडो सहारो आहिनि। अग्रिते हली उन्हनि खे ई मुल्क जे कारोबार जी**

वाग॒ वठिणी आहे। खेनि ई पंहिंजी महिनत, हिमत, शेवा ऐं त्याग॒ु सां पंहिंजे मुल्क जो ग॒ाट॒ु ऊंचो करिणो आहे। इनकरे ज़रूरी आहे त विद्यार्थी पंहिंजो जीवनु ठाहिनि ऐं पाण में गुणनि जो विकास कनि, जींअं त हू मुल्क जा सचा रहिबर बणिजी सघनि।

(1) मथिऐं टुकिरे जो सिरो लिखो – [1]

(2) विद्यार्थी जीवन कहिड़ो जीवन आहे? [1]

(3) समाज ऐं मुल्क जी तरकी जो आधार केरु आहिनि। [1]

(4) विद्यार्थीअ लाइ छा ज़रूरी आहे? [1]

(5) मथिऐं टुकिरे जो सारु लिखो । [1]

(6) ضد لڪو:_ آشا [1]

(6) ज़िद लिखो :– आशा [1]

(7) صفت جا قسم لڪو [1]

(7) सिफ़त जा किस्म लिखो। [1]

(8) جنس بدلايو:_ پيءُ [1]

(8) जिंस बदिलायो :– पीउ [1]

(9) عدد بدلايو :_ٻڪري [1]

(9) अददु बदिलायो :– ब॒किरी [1]

(10) معنيٰ لِڪو:_ مسڪين [1]

(10) माना लिखो :– मिस्कीन [1]

(11) اِسم ڇا کي چئبو آهي؟ [2]

(11) इस्मु छा खे चइबो आहे? [2]

(12) هيٺين اصطلاحن جي معنيٰ لکي جملي ۾ ڪم آڻيو(ڪي ٻه ٽي) [2]

(i) اَندر جو ڪارو هئڻ (ii) پُٺي ٺپڻ

(iii) ڪن ڀرڻ (iv) گيهه جا ڏيئا ٻارڻ

(12) हेठियनि इस्तलाहनि जी माना लिखी जुमिले में कमि आणियो (के बि ब॒) [2]

(i) अंदर जो कारो हुअणु

(ii) पुठी ठपणु।

(iii) कनु भरणु

(iv) गीह जा डी॒आ ब॒ारणु।

(13) ڏکين لفظن جي معنيٰ لکو:(ڪي ٻه ٻه) [2]

(i) مُراد (ii) ڏاتار (iii) پُختو (iv) حيرت

**(13)** **डुखियनि लफ़्जनि जी माना लिखो :- (के बि बु)** **[2]**

(i) **मुराद** (ii) **डातारू** (iii) **पुख़्तों** (iv) **हैरत**

(14) هيٺين جملن مان ضمير چونڊي لکو: [2]

(i) اَسين سُڀاڻي پڪنڪ تي ويندا سين

(ii) هيءَ مُنهنجي ڪار آهي.

**(14)** **हेठियनि जुमिलनि मां ज़मीर चूंडे लिखो –** **[2]**

**(i)** **असीं सुभाणे पिकनिक ते बेंदासीं।**

**(ii)** **हीअ मुंहिंजी कार आहे ।**

(15) ساڳي معنيٰ وارا لفظ لکو-(ڪي ٻه ٻه) [2]

(i) آسيس (ii) پيڙا (iii) ڪومل (iv) مرضي

**(15)** **सागीअ माना वारा लफ़्ज लिखो:- (के बि बु)** **[2]**

(i) **आसीस** (ii) **पीड़ा** (iii) **कोमल** (iv) **मर्ज़ी**

(16) ڪنهن ٻه هڪ وشيه تي اٽڪل **200** لفظن ۾ مضمون لکو. [10]

(i) موبائيل فون وردان يا اَپيشاپ

(ii) اَسانجا سنڌي ڏڻ وارا

(iii) وڌندڙ بيروزگاريءَ اُنجو هل.

(iv) مُنهنجو سُهڻو سپنو

**(16)** **कंहि बि हिक विषय ते अटिकल 200 लफ़्ज़नि में मज़मून लिखो।** **[10]**

(i) **मोबाइल फोन वरदान या अभिशाप।**

(ii) **असांजा सिन्धी डिणवार।**

(iii) **वधन्दड़ बेरोजगारी ऐं उनजो हलु।**

(iv) **मुंहिंजो सुहिणो सपनो।**

(17) توهانجي محلي ۾ گندي پاڻيءَ جي سپلاءِ بابت جلدايه وڀاڳ کي درخواست لکو. [5]

يا

پنهنجي دوست /ساهيڙيءَ کي ڀاءُ جي شاديءَ ۾ اَچڻ لاءِ نينڊ ڀريو خط لکو.

**(17)** **तव्हांजे मोहल्ले में गंदे पाणीअ जी सप्लाई बाबत जलदाय विभाग खे दरख़्वास्त लिखो।** **[5]**

**या**

**पहिंजे दोस्त/साहेड़ीअ खे भाउ जी शादीअ में अचण लाइ नींड भरियो ख़तु लिखो।**

**(18)** تو ھانجي اِسڪول ۾ ’’ھيمو ڪالاڻي‘‘ جينتي ملھائڻ جي رپورٽ لکو. **[5]**

**(18)** **तव्हांजे स्कूल में ‘हेमू कालाणी’ जयन्ती मल्हाइणु जी रिपोर्ट लिखो।** **[5]**

**(19)** حوالو سمجھايو. **[4]**

’’ھڪڙو چانھہ جو ڪوپ پيئڻو تنھن لاءِ ڪيترو ڪٿي آڊمبر ڪيو اَٿو, ڪيڏا ڪيڏا قائدا ڪڍيا اَٿو.‘‘

يا

’’جاڳائڻ ڏوھہ ڪونھي پر سُمھارڻ ڏوھہ آھي.‘‘

**(19)** **हवालो समझायो :–** **[4]**

**‘‘हिकिड़ो चांहि जो कोपु पीयणो, तंहिं लाइ केतिरो खणी आडम्बरू कयो अथव, केड॒ा खणी क़ाइदा कढिया अथव।’’**

**या**

**‘‘जाग॒ाइणु ड॒ोहु कोन्हे पर सुम्हारणु ड॒ोहु आहे।’’**

**(20)** ھيٺين مان ڪن ٻہ ٽن سوالن جاجواب لکو:(30-40 لفظن ۾) **[2+2+2=6]**

(i) شيرين ۽ جو ڪوڙ ڪيئن ظاھر ٿيو ؟

(ii) مارئي ۽ عمرجي ڪوٽ ۾ ڪيئن گذاريو؟

(iii) سندري آتمچنداڻي جو جنم ڪڏھن ۽ ڪٿي ٿيو؟

(iv) ڪتلا رام پنھنجي آخري خواھش ڪھڙي پرڪٽ ڪئي ؟

**(20)** **हेठियनि मां किनि बि टिनि सुवालनि जा जवाब लिखो। (30-40 लफ़्ज़नि में)** **[2+2+2=6]**

(i) **शीरींअ जो कूड़ु कींअं ज़ाहिर थियो?**

(ii) **मारुईअ उमर जे कोट में कींअ गुज़ारियो?**

(iii) **सुंदरी उत्तमचन्दाणी जो जनम कडु॒हिं ऐं किथे थियो?**

(iv) **कत्लाराम पंहिंजी आखिरी ख़्वाहिश कहिड़ी प्रकट कई?**

**(21)** ’’پرائي ماس ۾ ڪاتي‘‘ ڪھاڻي پنھنجي لفظن ۾ لکو. **[6]**

يا

سفيدھنس ڪھاڻي ۾ ڪھڙو سنديش سمايل آھي ؟ سمجھايو.

**(21)** **‘पराए मास में काती’ कहाणी पंहिंजे लफ़्ज़नि में लिखो।** **[6]**

**या**

**‘सफेद हंस’ कहाणीअ में कहिड़ो संदेश समायल आहे? समुझायो।**

**(22)** پڙهجي ڪيئن مضمون جي ليکڪ ''پرمانند ميوارام'' جو پريچيه لکو. **[4]**

يا

سفر جو ساٿي سفرنامي جي ليکڪ شري جيٺو لالواڻي جو پريچيه لکو.

**(22) 'पढ़िजे कींअं' मज़मून जे लेखक परमानन्द मेवाराम जो परिचय लिखो। [4]**

**या**

**'सफ़रू जो साथी' सफ़रनामे जे लेखक श्री ज़ेठो लालवाणी जो परिचय लिखो।**

**(23)** بيت جو مطلب لکو:- **[4]**

هيرو جنم نه هار, مورکه من جي ڀاءِ تون،
ملي سا ڌ سنگت سان، اَوديا ڀرم نوار
پنهنجو پاڻ سنڀار، نه سُکي ٿئين 'سامي' چئي

يا

منهنجو جيون جل جي ڌارا.
ڏکه ۽ سُکه جنهنجا ٻه ڪنارا.
سهسين سورج , چنڊ , ستارا.
گويا منهنجي جيون - جوتي.

**(23) बैत जो मतलबु लिखो :- [4]**

**हीरो जनमु न हारि, मूर्ख मन जे भाइ तूं,**
**मिली साध संगति सां, अविद्या भरमु निवारि,**
**पंहिजो पाणु संभारि, त सुखी थिएं 'सामी' चए!**

**या**

**मुंहिंजो जीवनु जल जी धारा,**
**दु:खु ऐं सुखु जंहिंजा ब॒ किनारा,**
**सहसें सूरज चंड, सितारा,**
**गोया मुहिंजी जीवन–जोती!**

**(24)** هيٺين مان ڪن ٻه ٽن سوالن جا جواب لکو:- (اٽڪل30-40لفظن ۾) **[2+2+2=6]**

(i) هاري ڇا ڇا ڪن ٿا؟

(ii) ڪوي هري' دل گير' زندگي ڪنهنجي مثل سمجهي آهي ؟

(iii) 'قدر ڪن جو ڪون سُڃاڻي' جو ڪهڙو مطلب آهي ؟

(iv) شاعر اُجڙيل چمن کي ڪيئن ٿو ٺا هڻ چا هي؟

**(24)** **हेठियनि मां किनि बि टिनि सुवालनि जा जवाब लिखोः– (अटिकल 30-40 लफ़्ज़नि में)** **[2+2+2=6]**

(i) **हारी छा–छा कनि था?**

(ii) **कवी हरी 'दिलगीर' ज़िन्दगी कहिंजे मिसलि समझी आहे?**

(iii) **'कदुरू कखनि जो कोन सुञाणे' जो कहिड़ो मतिलब आहे?**

(iv) **शाइरू उजिड़ियल चमन खे कींअं थो ठाहिण चाहे?**

**(25)** هوندراج 'دُکايل' ''اَئت جو آواز'' ۾ ڪهڙو سنديش ڏنو آهي؟ **[6]**

يا

''پئسي ۽ روپئي جي گفتگو'' پنهنجن لفظن ۾ لکو.

**(25)** **हूंदराज दुखायल ''अइट जो आवाज़'' में कहिड़ो संदेश ड्डिनो आहे?** **[6]**

**या**

**''पैसे ऐं रूपए जी गुफ़्तगू'' पंहिंजनि लफ़्ज़नि में लिखो।**

**(26)** اَرجن شاد جي ''غزل'' کي پنهنجي لفظن ۾ لکو. **[4]**

يا

ڪوي بيوس پنهنجي بيت ۾ قدرت واري جي سارا هه ڪهڙي نموني ڪئي آهي ؟ سمجها يو

**(26)** **'अर्जुन शाद' जी गज़ल खे पंहिजनि लफ़्ज़नि में लिखो।** **[4]**

**या**

**कवी बेवसि पहिंजे बैत में कुदरत वारे जी साराह कहिड़े नमूने कई आहे? समुझायो।**

▽▽▽▽